# ليکراج عزيز

اي، جي، اتم

# Lekhraj Aziz
By
A. J. Uttam



## باب (١)

# ٻالپڻ ۽ جواني

پروفيسر ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي، سنڌيءَ جو اهو يگانو اديب هو، جنهن نظم توڙي نثر ۾ ڪماليت حاصل ڪئي هئي. هن سنڌي ادب جي انهن ٻنهي شاخن کي برابر اوچ ڏني، ان ڪري هو ٻنهي نظم توڙي نثر جو نرمالا هو. هو يڪي اڌ صدي سنڌي ساهت تي ڇانيل رهيو- ٢٥ سال آزاديءَ کان اڳ ۽ ٢٥ سال کن آزاديءَ کان پوءِ.

ليکراج ”عزيز“ هڪ اعليٰ شاعر سان گڏ، اهم مضمون نگار، تنقيد نگار ۽ ناٽڪ نگار به هو. هو وڏو عالم ۽ زبان دان پڻ هو.

ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي ١٩ ڊسمبر ١٨٩٧ تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو هو. هن جو جنم هڪ ٻرک عامل خاندان جي زميندار ڪٽنب ۾ ٿيو. ان زماني ۾ ١٩ صديءَ جو آفتاب آخرين ٽپي ڏيئي غروب ٿي رهيو هو. وٽهين صديءَ جو سج پاڻ سان علم ۽ عقل، ادب ۽ تهذيب جي هڪ نئين روشني کڻي آيو، جنهن سنڌي حاليءَ ۽ جيوت ۾ جنمي انقلاب آڻي ڇڏيو.

ان سمي انگريزن سنڌ تي سوڀ حاصل ڪئي، اڌ صدي به گذري وئي هئي. ١٨٥٧ جي آزاديءَ جي جنگ ۾ جيت ملڻ بعد انگريزي راڄ جون هندستان ۾ پاڙون پختيون ٿي چڪيون هيون. انگريزي حاڪمن پاڻ سان گڏ جيڪا

باب (۲)

# شاعريءَ جو شوق

ليکراج ڪشنچند جي شاعري صحيح معنيٰ ۾ ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ ٿي شروع ٿي، جڏهن اتي کيس پروفيسر ايرانيءَ جي صحبت ملي. هن منجهس شعر و شاعريءَ جو ذوق ڏسي ”عروض سيفي“ ڪتاب پڙهڻ جي صلاح ڏني. ليکراج اهو ڪتاب هٿ ڪري پنهنجي روءِ سوءِ اڀياس ڪيو. ان ساڳئي وقت ڪاليجي زماني ۾ هنکي محبت جي مرض لڳي جنهن کيس زندگيءَ جي ڪتاب جو مطالعو به ڪرايو.

ان سان گڏ کيس اسڪولي جيون ۾ به پنهنجن هم-ڪلاسين ۽ اوڙي پاڙي جي يارن دوستارن جي شاعرائي صحبت به ملي هئي. هو پاڻ ان زماني جي سنگت جو ذڪر ڪندي ”ڪلهه جي ياد“ ڪتاب ۾ لکي ٿو: ”مونکي ياد آهي ته ٽئين انگريزي درجي ۾ (يعني ۱۲-۱۳ ورهين ۾) مس قدم رکيم ته مونکي شاعريءَ جي صحبت ڪان لطف اندوز ٿيڻو پيو، جي پنهنجا ۽ پراوا شعر پڙهائي مونکي محظوظ (خوش) ڪندا هئا ۽ پاڻ ۾ خوشيءَ ۾ قوليا نه سمائبا هئا. انهن شاعرن مان قاسم ۽ بشير قابل ذڪر آهن (جيڪي سنڌس سرنا هئا) هو ٻئي فارسي جو معمولي علم رکندا هئا. مگر واصف سان ڏاڍيون چڪريون ڪاٽيندا هئا. واصف

۾ ڪليات عزيز جي صورت ۾ پنهنجا ٻہ جلد ڇپائي ليوار ڪيم."*

ليڪن عجب اهو جو ١٩٣٨ ۾ ڪليات جي ڪلام شايع ٿيڻ کان اڳ عزيز پنهنجا ٽي وڏا ناٽڪ ڪمار اجيتسنگهہ (١٩٣١)، غريبان مار (١٩٣١)، مسٽر مجنون (١٩٣٣) هڪ ٻئي جي پٺيان ڇپائي ۽ اسٽيج تي پيش ڪري ناٽڪي دنيا ۾ پنهنجو نالو ڪيئو هئائين.

---

* ڏسو سنڌي ناٽڪ صدي سووينئر (١٩٨٠) حيدرآباد سنڌ.

باب (۳)

# ناٽڪ نويسي

ليکراج عزيز ۱۹۳۱ع کان ٽن سالن ۾ هڪ ٻئي پٺيان وڏا ناٽڪ ڪمار اجيت سنگهه (۱۹۳۱) غريبان مار (۱۹۳۱) مسٽر مجنون (۱۹۳۳) لکيا ۽ اسٽيج تي پيش ڪيا. انهن ٽنهي ناٽڪن جي ٻولي نهايت سليس ۽ سپڪ سنڌي اصطلاحن سان ڀرپور ۽ عبارت اهڙي سنڌي سنئين سهڻي ۽ دلڪش دلچسپ آهي جو عجب ٿو لڳي ته انهن ناٽڪن لکڻ کانپوءِ عزيز ۾ اهڙو ڪهڙو ڦيرو آيو جو ”ڪليات عزيز“ (۱۹۳۸) ۾ گهڻن هنڌ سخت ڏکي پارسي ۽ عربي آميز ٻولي ۽ عبارت ڪم آندي اٿس. ”مسٽر مجنون“ ناٽڪ جڳو آڏواڻيءَ جي شراڪت سان جوڙيل هو. جيڪو پوءِ ٻمبئيءَ ۾ وڏو فلمڪار ٿيو هو.

انهن ناٽڪن جي ڪاميابيءَ بابت خود عزيز جي همعصر اديب ۽ دوست پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي ”سنڌي نثر جي تاريخ“ جي گرنٿ ۾ لکيو آهي، ”ليکراج پنهنجو شاعراڻو قلم ناٽڪ نويسيءَ تي به خوب هلائيندو هو. هن صاحب ٽي سٺا ناٽڪ لکيا. سندس پهريون ناٽڪ ”ڪمار اجيت سنگهه (۱۹۳۱) راجپوت تاريخي کيل هو، جو اسٽيج تي چڱيڙو پيو هو ته سندس ٻيون ناٽڪ ”مسٽر مجنون“....

۹ ليکڪن جا ٻه مضمون ڏنل آهن. ”سنڌو“ مخزن ان مجموعي جي سمالوچنا ڪندي مارچ ۱۹۳۳ واري پرچي ۾ لکيو هو، ”ڪتاب خاص ڪري اسڪولن جي مٿين درجن جي شاگردن لاءِ ... ڇپايو ويو آهي ۽ تعليم کاتي .... منظور ڪيو آهي ... ڪتاب جي ليکڪن چونڊ ۾ عقل کان ڪم ورتل آهي ۽ ليکڪ ٻه گهڻو ڪري اهي آهن جنهن نوجوانن جي دلين تي قبضو آهي.“

عزيز انهن ليکڪن مان نه، رڳو هڪ هو پر مکيه مضمون نگار هو، جنهنجا ان درسي ڪتاب ۾ چار مضمون هئا. ان مان عزيز جي، هڪ مضمون نويس طور ۾ مقبوليت ظاهر آهي. انهن مضمونن جي ٻولي محاوريدار ۽ مائيدار آهي ته عبارت ۾ عالماڻي ۽ ادبي آهي، پر آهي سليس سنڌيءَ ۾.

انهن مضمونن ۽ ناٽڪن لکڻ سان ليکراج عزيز، چوٽيءَ جي نظم نويس سان گڏ، هڪ ڪامياب نثر نويس به، ثابت ٿيو. ليڪن هڪ نظم نويس طور تي هنجو درجو سنڌي ادب ۾ نِڪاڻو رهيو آهي، جيڪو هن ۱۹۳۸ ۾ ”ڪليات عزيز“ جي ٻن ڀاڱن جي شايع ٿيڻ بعد ٿي حاصل ڪيو.

باب (۴)

# ڪليات عزيز

ليکراج ”عزيز“ جي ڪلام جو پهريون مجموعو ”ڪليات عزيز“ ۱۹۳۸ع ۾ شايع ٿيو. اُن جي پهرئين ڀاڱي ۾ غزلن جو ديوان ۽ ٻيون صنفون هيون ته ٻئي ڀاڱي ۾ ”مصر جي راڻي“ ۽ ”ڪيمياگر“ ناٽڪ به منظوم هيون. اُن وقت سنڌيءَ ۾ شاعرن جا ۷-۸ ديوان مس اڪٺا هئا.

ڪليات عزيز ۾ جيترن گهڻن صنفن ۾، جيترو گهڻو گوناگون ڪلام هو ۽ جنهن ٻوليءَ ۽ عبارت ۾ هو، تنهن هن شاعر کي پنهنجي سڀني همعصر شاعرن کان نرالو ڪري ڇڏيو. اُن ۾ به غزلن جو ديوان اڳين سڀني ديوانن سان ڀيٽيندڙ هو ته سنڌي غزل ۾ به اضافو ڪندڙ هو.

ائين آهي ته ڪليات جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ، به عزيز جو ڪلام نه صرف مشاعرن ۾ داد حاصل ڪندو هو پر مئٽرڪ تائين سنڌي درسي ڪتابن ۾ به چوکي جاءِ حاصل ڪندو هو. انهن ڪتابن ۾ هن جي واقفيت ڏيندي سندس شعر کي ”نهايت پختو ۽ دلچسپ“ ۽ ”برجستو ۽ موزون“ ۽ ”بي بها“ ۽ ”رواني ۽ جدت“ وارو سڏيو ويو.

بزرگ شاعر محمد صديق مسافر ۽ أسد ولد قليچ بيگ پنهنجي مرتب ڪيل مجموعي ”گلشن خيال“ (۱۹۳۶) ڪتاب ۾ لکيو، ”مسٽر ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي جنهنجو تخلص

## باب (۵)

# ادبي مضمون نويسي

ڪليات عزيز جي اشاعت کان ڪجهه پوءِ ۱۹۴۱ ۾ ليکراج ڪشنچند جي مضمونن جو مجموعو "ادبي آئينو" شايع ٿيو جنهن کيس مضمون نويسن جي اول صف ۾ آڻي بيهاريو. هن کان اڳي عزيز نثر جي هڪ اهم شاخ ناٽڪ نويسيءَ کي اوچ ڏني هئي ۽ ۱۹۳۱-۱۹۳۳ واري دور ۾ هڪ اٺ پنيان ٿي تفصلا وڏا ناٽڪ لکي ۽ اسٽيج تي پيش ڪري پاڻکي سليس ۽ سٻڪ سنڌي لکندڙ سقل ناٽڪ نويس ۽ سڌ ڪيو هو. ان زماني ۾ ئي هن مضمون نويسيءَ تي ۽ قلم هلايو هو. سندس مضمون ٻين ڪتابن ۾ به اچي لڳا هئا، جيڪي اڳيئي ڇپايو ويو آهي. انهن مضمونن جي ۽ سنڌي ٻولي ۽ عبارت ناٽڪن جي ٻولي ۽ عبارت وانگر سليس هئي.

"ادبي آئينو" ۾ ۲۹ گوناگون موضوعن جا مضمون هئا. انهن جي ٻولي مائيدار ۽ محاوريدار هئي ۽ عبارت ادبي ۽ عالماڻي هئي، جيڪا سنڌي ۽ پارسيءَ جو مٺڙو ميلاپ آهي. هيءُ ڪتاب نه صرف پنهنجي زماني ۾ پر اڄ به سنڌي مضمون نويسيءَ کي اوچ ڏيندڙ هڪ اهم اضافو ليکجي ٿو. ان وقت کان ورهاڱي تائين: "ادبي آئينو" سان ڀرمچيندڙ مضمونن جو مجموعو اڪڙ ٻڪڙ اڪتو

مضمون نويسيءَ جو هڪ يادگار مجموعو آهي. اهو شاعر عزيز کي جديد مضمون نويسيءَ جو هڪ امام ثابت ڪري ٿو. ان ۾ هو حقيقت پسند وڌيڪ ۽ رومانيت پسند گهٽ آهي.

پروفيسر پوجراج ناگراڻيءَ ٺيڪ ئي لکيو آهي ته ”اديبي آئيني ۾ هن سنڌي نثر کي چمڪ ٿي آندو آهي. ٻولي سهڻي ۽ نزاڪتدار، خيال عالماڻا ۽ شاعراڻا، درياهه واري رواني، خيالن جي ڳت ۽ اونهائي- هي سڀ وصفون سنڌي نثر کي اوچ درجو ڏين ٿيون ... مضمون جي گوناگونيت جي خيال کان ”عزيز“ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. قليچ بيگ، چاهي ڪوڙومل، اجواڻي هجي يا ٽاڪرام ميرچنداڻي، ”عزيز“ هردلعزيز آهي. سنڌي رنگين ٻوليءَ تي ضابطو، مضمون جي ورق، کيس سنڌي مضمون جي ميدان ۾ ممتاز جاءِ ڏين ٿا.“ *

---

* سنڌو ڌارا هفتيوار - ١٢-٩-١٩٧١

## باب ڇهون

# چار شعري مجموعا

اَدبي آئينو جي شايع ٿيڻ کانپوءِ ليکراج عزيز جي شعرن جا هڪ ٻئي پٺيان چار مجموعا نڪتا (١) گلزار عزيز (٢) شاعراڻي شمع (٣) پڇتاءَ جا لڙڪ (٤) پيغام عزيز. پهريان ٻه مجموعا شاگردن لاءِ هئا ۽ ١٩٤٤ ۾ ڇپيا هئا ته سرڪاري اَدبي صلاحڪار بورڊ جو انعام به حاصل ڪيو هئائون ۽ پويان ٻه ١٩٤٦ ۾ شايع ٿيل هئا.

اِهي چئن ئي مجموعن جي ٻولي ۽ عبارت ڪليات عزيز جي ٻوليءَ ۽ عبارت کان گهڻي سولي ۽ سليس هئي. اهو عزيز ۾ هڪ وڏو ڦيرو هو، جيڪو "اَدبي آئينو" جي نثر جي سولي ۽ سليس ٻولي ۽ عبارت جو نتيجو ٿي لڳو ته اُن وقت ۽ حالت جو اثر به هو.

اِن ڪري ئي گلزار عزيز جي مهاڳ ۾ عزيز لکيو ته "جيئن زمانو ڦرندو رهي ٿو تيئن انسان جي خيالن ۾ به تبديلي اچي ٿي ۽ شعر به پنهنجا نوان رنگ روپ اختيار ڪري ٿو... مٿس وقت جي سڀيتا جو اثر ضرور پوي ٿو جو هو عالمگير برادريءَ جو هڪ فرد آهي. اهو زمانو جڏهن عام ۽ خاص ماڻهو تصوف جي پيچيدن مسئلن جا شائق هئا ۽ رنداڻو ڪلام وڏي شوق سان پڙهندا ۽ ٻڌندا هئا، تنهن ۾ گهڻو ڦيرو اچي ويو آهي. اڄڪلهه اڪثر اهو شعر مقبول ٿئي

سان لڙڻ لاءِ للڪار ۽ آزاد ڀارت جي آئيندي جي تصوير به
ملي ٿي. هتي رڳو مٿ مثالن جي ڏجي ٿي:-

١- دشوار نه ٿيو ديس لئه سر پنهنجو وڃائڻ،
هڪ سر ڇا هجن سؤ، ته ڪپن خوش ٿي ڪپائڻ.
مان خون سان رنگين ڪندس، ديس جي ڌرتي،
ٿيو فرض وطن ساڻ مري نينهن نڀاهڻ.

٢- مرڻ جو مان قيد يا آزادگي ۾ آهي،
جيئري چون ٿا موت غلاميءَ کان مٿر اڇي

٣- ڌوئجي داغ غلاميءَ جو ڀڪا ڀڪ وڃدو
مينهن ڪو جوش - عمل وارو بدن مان برساءِ.

٤- ڏيئي رت پنهنجو، ڪريو هن باغ جو تازو سلو،
ديس جي آزادگيءَ جي پاڙهه کي پختو پڪو.
ڪوٽ عظمت جو اڏي سنسار کي ڏيکارجو.

٥- نه ڏي اسان کي زباني فريب آزادي،
جو هر طرح سان ٿيا هوشيار آهيون اسين.

هيٺين مصرعن ۾ ڪهڙي نه اصطلاحي ۽ تشبيهن واري
ٻولي ۾ قومي ناسازيءَ جي ڪيفيت ٻڌائي اٿس:-

١- سچ گهڻي ڪهڙي جو ٿي ٻاٽي سڪائي
هن جنگ جي جهولي چڙهيو گلزار جلائي.

٢- ملڪ آزاد اڃا ناهه، نه ڀاڳا ٿا ٿين -
قوم ڪش ڪيئن نه لڙي پاڻ ۾ ڏاڍا ٿا ٿين.

اسانجي شاعر کي ويساهه آهي ته ديس آزاد ٿيندو. ان
کري ٿي انجي خوشحاليءَ جو خواب ڏسندي چوي ٿو:

١- خوش ٿيو، ديسي لئين سر سروسامان ٿيندو
هي خزان وينديءَ وري فصل - بهاران ٿيندو.

٢- تاج شاهن جو لهي جلد لٽن ۾ پوندو
چرخ اعليٰ تي مڪين شان - غريبان ٿيندو.
٣- بيڪسي ويندي مزورن جي گهرن مان نڪري
گنج دولت جو ڏٺي ديس جو دهقان ٿيندو.

ورهاڱي کان اڳ، آزاديءَ جي وقت تائين پيغام عزيز جهڙو شاعراڻي خوبين سان ٽمٽار، قومي ڪلام جو مجموعو ڪو ٻئي ڪنهن شاعر جو شايد ئي شايع ٿيو هو. ان ۾ هن ليک ئي ڇپيو آهي:

”شاعري ملڪ ۽ ملت جو سدارو ٿيو عزيز
ڪم اچي قوم ڪي جو اهڙو سخندان ٿي وڃ.“

## باب (٧)

# سليس ۽ سنڌيت جو ڪلام

١٩٤٧ ۾ ڀارت آزاد ٿيو. پر ان جو ورهاڱو به ٿيو. ان وقت ٽائين ليکراج عزيز پاڻ کي عروضي شاعريءَ جو استاد ۽ عالماڻي نثر جو هڪ نرالا سند ڪيو. ورهاڱي بعد هو مجبورن پنهنجي جنم ڀومي سنڌ ڇڏي هند آيو. هن ٻنهي شاخن نظم ۽ نثر تي قلم هلائڻ جاري رکيو ۽ ٻنهي ۾ پنهنجو هڪ اُتم روپ پسايو.

نظم ۾ عزيز سنڌيت جو علمبردار ۽ حقيقت جو چترڪار ته نثر ۾ هڪ سخت تنقيد نگار (سخن دان) ۽ ٻوليءَ جو ماهر (زبان دان) ٿي پيو. نظم جو اُتم روپ عزيز جي ٽن مجموعن آبشار (١٩٥٣)، صراحي (١٩٦٣) ۽ سوز و ساز (١٩٧٠) مان نروار ٿئي ٿو ته نثر جو اُتم روپ گل و خار (١٩٥٦)، سامي (١٩٦٥) ۽ سنڌي اصطلاح (١٩٧٦) مان نظر اچي ٿو جنهنجو ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو.

عزيز جي سنڌيت لاءِ سڪ پنهنجي وطن جي وڇوڙي مان اٿاهه ساگر بڻجي اُڪتي. هو "ڪلهه جي ياد" ۾ پنهنجين يادگيرين ۾ لکي ٿو، "هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي جدائي مون کي ڏاڍي ڏکي لڳي. مون انهي ڦوٽائيءَ جا سوين سوز ڀريا داستان ڇپيا آهن." اهڙي ئي لهجي ۾ هو "آبشار" جي مهاڳ ۾ چوي ٿو، "سنڌ کان

قافين سان جا نه زماني ۽ ملڪ جي حقيقي تصوير ڪشي
ڪئي اٿس. ٻهرئين غــزل ۾ ١٥ ۽ ٻئين ۾ ١١ ۽ ٽئين ۾
٩ شعر آهن، جي سڀ معنوي آفرينيءَ وارا آهن. ڪي ڏسو:-

١- هاڻ پنهنجن ۾ آءُ پاءُ ڪٿي؟
دل سڪي ٿي، هو لاءُ ساءُ ڪٿي؟
هڪ دئيري ٿي پئي ني آداي،
ڪهڙا ليکي ۾ پيءُ ماءُ ڪٿي.
ماڻهپي جا لنگهيو پون ليڪا،
دل گهريو هٿ لڳي جي داءُ ڪٿي.

٢- اُن وطن جا سڪن ٿا وڻ ساوا،
جن اِي ٻي ٻـاڙي پيو ٿي ڪومت آهي.
ديس جي هيءَ ترقي آهي ڪيئن؟
چو چڙهي هرڪا جنس چوٽ آهي.
پيٽ جي ڀراي نا ڪه ڀراي پلي،
شق جو باسيو ته موت به روڪ آهي.
حال هيٺي جو ڪر اُٿي چارو،
ٻي اها جو هٿن ۾ ووٽ آهي.

٣- لنگهن ٿي خوف خطرا رات ڌاڙيلا جي اڄ ڪر ٿي،
ڪري پيٽين ۾ تنهجي گهر، ويهي واٽون ٻڌائيندس.
نه رهندا رهگذر ٿي خاص حق ڪنهن لاءِ دنيا ۾،
جو هر عشرتڪدي کي گهرمان هر ڪنهن جو ٻڌائيندس.
اميرن ۽ غريبن جا مٽائي فــرق سڀ هيڪر،
جهان انــدر سچو هوڪو مساواتي هلائيندس.

مٿين غزلن ۾ عزيز، جيڪو ديس جي اُنتيءَ جو اولــو
ڏيکاريو آهي ۽ غريبي شاهوڪاري جو پيد مٽائي هڪجهڙائي
۽ برابريءَ جي ڳالهه ڪئي اُن مان هنجي نون ۽ روشن خيال

۽ ڪٿي سنڌي قافيا ته ڪٿي تشبيهون ته ڪٿي اصطلاح ۽ محاورا ڏنل آهن.

۱- مونکي زندگي کپي سا هجي جيڪا پر حقيقت،
مونکي ڪاله گهرجي هستي جا فقط خيال آهي.

۲- ڪافر به آهو جاڻ ۽ ڪافر به آهو سمجهه،
جو جان جي صدقي ڇڏي ايمان کي پنهنجي.

۳- سچ پچ ته پڙهڻ کان ٿيو صدبار ڪڙهڻ بهتر،
سو خام اچا ڄاڻجن جو ڪين ترِيو آهي.

۴- ڪوڙ جي ڪڏ تائين دوڙ آ، سچ ته ايئو اچي،
پاڻي آخر ٿيندو پاڻي، ڪير آخر ڪير آهه.

۵- هلچل حيات آهه ۽ بي حرڪتي ممات،
جيڏري مٿان مڙن جو ٿي دم سان دغا ڪرين.

۶- سهي سور آيس، لهي ڪجهه نه ڪجهه،
ذڪر مان ٿي وات آ نهي ڪجهه نه ڪجهه.

هي شعر اعليٰ ۽ سليس، سهڻا، معنيٰ ۽ موسيقي ڀريا آهن جو حرالي طور ڪم اچڻ جهڙا آهن. ڪو ڪو غزل ته سڄي جو سڄو سبق آموز آهي، ان غزل مان هيٺين شعرن تي قناعت ڪجي ٿي:

۱- ناز ڪر پنهنجي ڪارنامي تي،
نه اُن تي ڏاڏي وڏائي ڪر.

۲- پنهنجا ڏس دل جي آئيني ۾ عيب،
مفت ڪنهن جي نه لائي چائي ڪر.

۳- ظلم عادت نه ڪر، نه ڪر ڪو غضب،
ڪين ناحق جي پنهنجي پائي ڪر.

۴- ننهنجي نالي تان سڀ نثار ٿين،
اهڙي حڪ ۾ اتي ڪمائي ڪر.

صراحيءَ جي ڪن غزلن ۾ محبت جو بيان اهڙيءَ ته سادگي، سنجيدگي ۽ سچائيءَ سان ڪيل آهي جو دل کي ڇهي وڃي ٿو:-

١- پير جيڏانهن کڻي ٿي تيڏانهن،
اک اٿيئي نه ڪا، خدا حافظ.

ماٺ ۾ آ عزيز ٿي پيئو،
صبر سان التجا، خدا حافظ.

٢- عشق ۾ مت ماري آهر آهه، ڪنهن تنهنجي عزيز،
ڇو ستم کي سمجهين ٿو هڪ ناز معشوقاڻو اڄ.

٣- واٽن تي وجهي واجهه، عزيز آهيون پيا پڇن،
ڪنهن لاءِ ڇو رستن جون ڌوڙون خوب ڇاڻيون ٿا.

٤- پرت ۾ پاڻ کو پلي نه سهين،
همت سان پنهنجو جگر ملي نه سهين.

٥- ڇڏيو، هنجي نه جي مون سان ٺهي آهه،
هو آ پيارو جي کهڙو پي کٽي آهه.

٦- هو دکيءَ لي کڙو دلدار اڙي مان صدقي،
در کلڻ جي هٿي درڪار، اڙي مان صدقي.

صراحي جي نظم واري حصي ۾، انتم ام، ٿيمن تهذيب، هيرآباد، سنڌي زبان نهايت اهم ۽ نون خيالن ۽ سنڌيت جي جذبن سان تمتار آهن ۽ عزيز جي قلم مان نڪتل اهم ڪلام آهي. شاعر، انتم ام جي ڪري دنيا جي تباهي جو چتر چٽيندي آخر ۾ اپيل ٿو ڪري:

دنيا جا مدبر! اڄ ڪجهه پنهنجون اکيون کوليو،
ليڪن جي صلحن لي ڪا واٽ پهي ڳوليو.
سڀ فرق ڪڍو دل مان، شڪ جا نه سخن بوليو،
ٿهار متان ٻڏجو عالم کي متان روليو.

لهجي ۾ خلاف وارن کي ٻوڙو ڪرڻ کان نٿو هٻڪي. چوي ٿو:-

1- جنهن ۾ نه وطن لاءِ ڪو احساس آهي،
سو ڏيل، بنا روح جي ٿيو راس آهي،
مردار ڏٺو ڪنهن ڪو هلندو چلندو،
حيرت! جو هيءَ رفتار ۾ هڏ ماس آهي.

2- اڄ ڳائي وطن جو نه ترانو ڇا ڪندين؟
ٿيو ڪن ۾ ڪجهه ٻيل زمانو ڇا ڪندين؟
صد حيف! اڃا سنڌي لهجيءَ لي رولو،
ٻوڙن کي ٻڌائي ڪو فسانو ڇا ڪندين.

هيئين ۽ رباعي ۾ تدبير جي عظمت ٻڌائڻ سان گڏ عقل، عمل ۽ اتحاد لاءِ به اشارو ڪري ٿو:-

دنيا ۾ رکي آهه جي تقدير ٻلا،
سا راهه چئو تدبير جي ڪن، وير ٻلا.
ڏس، يار! ڪنهي ڪرف کي ڪولي ٿي مگر،
ڪيئن ٻڌجي، نه هٿ چوري جي تدبير ٻلا.

صحيح انسان ۽ اخلاق لي هي ٻه اصطلاحي رباعيون ٻڌهجو مت ٻاڻ آهن:-

1- جا سگهي ڪنهي آ، سا اياڻي ٿي گهٽو،
جا جنس خسيس آ، سا ويامي ٿي گهٽو.
مولي ٿو رهي ٻهر ۾، ڪک اڀجي مٿان،
ٻي ميوهه نه هر شاخ آڏامي گهٽو.

2- ڪائي نه ڪرڻ ڪار، ڪرڻ سگهه ٻهرئين،
دريا ۾ گهڙڻ چاهين، ترڻ سگهه ٻهرئين.
ڪنهن آهي آزمودي ري ڪجهه پاتو؟
ٿين ٻاهه، اڳي ٿنهن کان ترڻ سگهه ٻهرئين.

هن ٻنهين رباعيءَ جي چئن مصراعن ۾ سلوس لفظن ۾

ٿو چوي :-

١- وڏي ويجهو ٿيس نه ڪيائين الا،
ڪو ڏسي نه وٺي ڪو ڏسي نه وٺي.
ٿئي ٺهڪجي ۽ مهڪجي نه مفت گلا،
ڪو ڏسي نه وٺي، ڪو ڏسي نه وٺي.
٢- رنگين عزيز اڄ دنيا ٻٽي،
ڪري هرڪو اُها جهڳڪي جيڪا وٽي.
هيءَ وائي ٻڌي لون وسار صفا،
ڪو ڏسي نه وٺي ڪو ڏسي نه وٺي.

غزل جو هي سادگي، سچائي وارو مذاقي پر صحتمند اظهار مشڪل اٿئي عزيز ڪيو هو جيڪو سندس لئين قسم جي غزل روپي شعر رکڻي ۾ نظر اچي ٿو. چوي ٿو:-

١- چو اوهين وسليءَ وٺيءَ کي وراڻو ٿا اچي،
ڏسجو ڪنول نه ٿئي ڪيئن ڳل لاڻو ٿا اچي.
٢- ڪيئن ڳچيءَ ٻانهون وجهو ٿا وهوڻ سائين،
سڳيءَ جا سڌا وجهي ڪنڌ ٿي ڪڙاڻو ٿا اچي.
٣- ڏس وڃو ٿا وڌندا، هڪڙي مڃيم، ٻي نه مڃيم،
ڪيئن ڪمهلو مٺيءَ مرڻيءَ کي سڌاڻو ٿا اچي.
اس چڙهو ڪين رڏي ليمب ڪيو سپ پوري،
چو وري سنگت سهڻن ۾ سلاڻو ٿا اچي.

عزيز هن مجموعي ۾ به "صراحي" وانگر قوميت، روماليت گڏ عقليت وارو رخ اپنايو آهي "اڄ جي ترقي" واري نظم ۾ قدرتي غيبن ۽ وهمن کي انساني عقل، علم ۽ وگيان طرفان پهچي پورڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ چوي ٿو:- "پاڻ کي بندو ڀـــ جي سمجهي ڏٺي، ڪهڙو عجب!" ساڳئي وقت آخر ۾ ان ٿي نظم ۾ ويدالت نه ٻولي ٿو ته "ڪير آهين

ڇڏي ويندين، جو نه چالڻ ٿي سگهان؟" پڇي نظم ۾ وري زندگيءَ کي ڀاڱو ۽ "مايا جو ٿي کيل" ته سڏي ٿو جڏهن صراحيءَ ۾ نه ڪن هڪ ساڳي گفتار ڪري ٿو. اهو ڏيکاريندو ته عزيز ڀچاڙيءَ ۾ به پاڪ رومانيت ۽ ويدانت پسند رخ ڏانهن آجو ڪري نه سگهيو. پر ته به حقيقت پسنديءَ ۽ عقليت پسنديءَ اڀو سار هو پنهنجي ڪلام کي زماني ۽ عوام موافق معنيٰ پرائو بڻائيندو رهيو.

## باب (٨)

# سخن دان ۽ زبان دان

ليکراج عزيز، ورهاڱي بعد ڀارت ۾ جتي نظم ۾ سنڌيت ۽ حقيقت جو چٽو سليس سنڌيءَ ۾ پيش ڪيو، اُتي نثر ۾ هن هڪ نئين تنقيد نگار جو روپ ڌاريو. هن پنهنجي سخن دانيءَ ۽ زبان دانيءَ سان گهراڻن جي رهنمائي ڪئي.

هو جڏهن ٻي ڀيري بمبئيءَ ۾ آيو تڏهن ٿي کيس ڪي. سي. ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ پروفيسريءَ جي آڇ ٿي جا هن قبولي. عزيز کي اُن عهدي لاءِ ڪا به ڊگري ڪانه هئي. پر هن جي سنڌي نظم ۽ نثر کي ڏسڻ ئي ڪافي هئي. خود سندس ڪلام به بي. اي. تائين پڙهايو ويو هو. هاڻي کيس پنهنجون رچنائون پڙهائڻيون پيئون. اُنهن ۾ سندس همعصر شاعر بيوس (جنهن کي هو پنهنجو رقيب سمجهندو هو) جو ڪتاب ”شعر بيوس“ به هو. عزيز اُن تي نئين تنقيد ڪري شاگردن کي چوڪون ٻڌايون. اُهي بيوس جي عقيدتمندن جي ڌيان تي آيون.

هڪ ڏينهن هڪ عام ميڙ ۾ بيوس جي شاعريءَ تي وڏو بحث ٿيو. هڪ پاسي هئا بيوس جا پرستار ٻئي پاسي هو اڪيلو عزيز. هن بيوس جي شعر جي فن ۾ ٻولي ۽ معنيٰ جون غلطيون ٻڌايون. اُهي هڪ بيطرفدار اديب ۽ عالم کي نه دل سان لڳي سگهيون ٿي، پر بيوس جي عقيدتمندن

باب (۹)

# سنڌيت جي هلچل ۾ حصو

ڀارت ۾ سنڌين جي لڏي اچڻ بعد سنڌي جاتيءَ جي هستي برقرار رکڻ ۽ سنڌي ٻولي، لپي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کي سلامت رکڻ لاءِ ساهتڪارن سنڌيت جي هلچل هلائي. اساڄي شاعر ليکراج عزيز به ان ۾ ڀرپور رول ڀوڳيءَ ادا ڪيو. ان ڏس ۾ هن نه رڳو مشاعرن ۽ ادبي ميڙن جي صدارت ڪئي پر ڪجهه وقت سنڌي ساهت منڊل (بمبئي) جو به پريزيڊنٽ ٿي رهيو ته ۱۹۵۹ ۾ شروع ٿيل سنڌي لپي سڀا جو آخر تائين صدر هو. هو بمبئي يونيورسٽي بورڊ آف اسٽڊيز جو ميمبر به هو.

جڏهن ته عزيز ۱۹۵٦ ۾ ڪي. سي. ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو تڏهن ئي اهي شاگردن جي "سنڌي ادبي دنيا" نالي سنستا ٺاهيائين. جنهن انهن ۾ ادبي ذوق پيدا ڪئي. ان طرفان مشاعري ۽ سنڌي سنگيت جو پهريون جلسو ۱۱-۲-۱۹۵٦ تي رکيو ويو. ان جي جيڪا رپورٽ ٻين اخبارن ۾ ڇپي ان ۾ چيو ويو ته "... ادبي دنيا جي نوجوان ڪارڪنن ۾ چڱو اتساهه ۽ حوصلو نظر ٿي آيو، جو هنن ڪيترن ڏينهن کان پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون هيون ۽ ڪيترن نوجوان ڪلاڪارن کي نمبر ڏيئي ڳهرايو هو. سنڌي ڳائيندڙن، جن ۾ زيادهه تر نوجوان هئا، چڱو ڀاڱ

اها پڪ ڄاڻجو ته منهنجي آتما ڪانفرنس هال ۾ اوهان جي چوڌاري ڦرندي رهندي. مون کي اوهين اتي حاضر سمجهجو ۽ منهنجي لاءِ هڪ ڪرسي ڇڏي ڏجو. گڏجي اها آند لنوارجو ته: سنڌي جاتيءَ جو ٻيڙو پار ٿئي....." *

---

* سنڌو ڌارا هفتيوار، ١٢-٩-١٩٧١

باب (١٠)

# ٻهڳڻي شخصيت

ليکراج عزيز هڪ ٻهڳڻي ساهتڪار سان گڏ هڪ ٻهڳڻي شخصيت جو به ڌڻي هو. هن جهڙي رعبدار شخصيت ورلي ڪنهن ٻئي جديد سنڌي اديب کي هئي. سندس شڪل صورت، اکيون ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ، لکڻ پڙهڻ، کائڻ پيئڻ، پوشاڪ پهراءُ سڀ مان رعب پيو ٽپڪندو هو، جو ان ماڻهوءَ لاءِ آدردار ۽ جٽادار هوندو هو. هن جو مڻيادار مهانڊو ۽ فلڪ دار قد بت ئي کيس خاص هستي بخشيندڙ هئا.

عزيز رعبدار سان گڏ خوددار به هو. ڪنهن جي به ڪاڻ ڪڍڻ وارو ڪونه هو. پنهنجي سومان سان سؤدو ڪرڻ نه چاهيندو هو. اصل بي پرواهه بادشاهه هو. نه ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيائين، نه مٿو ٽيڪيائين، نه پلاند پکيڙيائين، نه در پيٽيائين. هو غيرت جو مڪمل مجسمو هو.

هن جو همعصر اديب ۽ دوست شري ليرڦ پسنت عزيز جي شخصيت بابت لکي ٿو.... ”سندس ٺاهوڪا روش، مردانو آواز، خوددار رفتار، گفتار رعبدار هئا.... هو بي باڪ، غيرتمند، خودي پرور لالطمع شخص هو ۽ سياڻپ حرفت عيوض مغز لي مترڪو هٽڻ ۾ سورهيائي سمجهندو هو. سندس مراد اهڙي مندي نه هئي... هو نڪٽو لڏڻو امٽو، مسڪين مزاج پڇ لٽڪائو ڪونه هو، جو پنهنجي

حقيقي مقصد ماڻي ٿي."* اهو شايد عزيز جي آخرين رچنا هئي.

ٻئي ڀيري ته موت کان صرف ٿورو وقت اڳي ونس بنگلا ديش جي آزاديءَ لاءِ "ساريڪا" مخزن طرفان جاري ڪيل ليکڪن جي اپيل تي صحي وٺڻ لاءِ وڃڻ ٿيو جا ته رکو خوشيءَ سان ڏنائين ۽ چيائين ته بنگلا ديش ته آزاد ٿي ويو، پر اسان جي سنڌ ديش جو ڇا ٿيندو؟ ☆

ان وقت هو گهر ۾ گهٽ ئي هو ته به مٺائي ڪاڻ لاءِ آڇيائين جا مٺي پيشاب جي مرض ۾ مبتلا هئڻ ڪري نه پئي ورتم ته هڪ گوري (جا پاڻ به اُن جي علاج لاءِ وٺندو هو) ڏيئي کلي چيائين: يار مٺائي کاءِ ڪجهه نه ٿيندو، مان ڪوله پيو کان، مون وٽان سڪڻو موٽي ڪٿي ويندين؟ وڌيڪ وشواس ڏياريائين ته جلدي ٺيڪ ٿيندس.☆ اها هئي هن جي زنده دلي.

انهن سنڌي ساهت ۽ ڄاڻيءَ جي هڪ يگاني هستي ١٩- آگسٽ ١٩٧١ تي ابدي ننڊ ۾ وڃي آرامي ٿي ۽ پٺيان هڪ اڻ سرندڙ ياد ڇڏي وئي.

* نئين دنيا - ڏياري ١٩٧٠ ☆ نئين دنيا - سپٽمبر ١٩٧١

# . پروفيسر ليکراج عـزيـز

# جي ڪتابن جي فهرست

| | | |
|---|---|---|
| ١- ڪمار اڇيتسنگهه | (ناٽڪ) | ١٩٣١ |
| ٢- غريبان مار | (ناٽڪ) | ١٩٣١ |
| ٣- مسٽر مجنون | (ناٽڪ) | ١٩٣٣ |
| ٤- ڪليات عزيز | (پهريون ڀاڱو- غزلن جو ديوان) | ١٩٣٨ |
| ٥- ڪليات عزيز | (ٻيون ڀاڱو - ٻه مثنويون) | ١٩٣٨ |
| ٦- ادبي آئينو | (مضمون) | ١٩٤١ |
| ٧- گلزار عزيز | (شعر) | ١٩٤٤ |
| ٨- شاعرائي شمع | (شعر) | ١٩٤٤ |
| ٩- پيغام عزيز | (قومي شعر) | ١٩٤٦ |
| ١٠- پڇتاءَ جا لڙڪ | (ٽي مثنويون) | ١٩٤٦ |
| ١١- آبشار | (شعر) | ١٩٥٣ |
| ١٢- گل و خار | (تنقيد) | ١٩٥٥ |
| ١٣- صراحي | (غزلن جو ديوان ۽ ٻيا شعر) | ١٩٦٣ |
| ١٤- ساحي | (تنقيدي مضمون) | ١٩٦٥ |